# جهنم جا عذابات

## اجتماعِ شَبِ قدر جو بيان

16 مارچ 2026ع

(بمطابق 26 رمضان شريف 1447ھ)



# اجتماع شَبِ قدر جو بيان

## 16 مارچ 2026ع (بمطابق 26 رمضان شريف 1447ھ)

## (سومر ۽ اڱاري جي وچ واري رات)

# جهنم جا عذابات

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگهندؤ ....

- هزار سال جهنمي جي بخشش
- اهلِ جهنم جي عذابن جي مختصر جهلڪ
- تقويٰ ڇا کي چئبو آهي؟
- جهنم کان محفوظ اَڪ

پيشڪش

اَلْمَدِيْنَۃُ الْعِلْمِیَۃ

Islamic Research Center

(شعبہ: بیاناتِ دعوتِ اسلامی)

FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖن

اَمَّا بَعْدُ! فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَارَسُوْلَ الله وَعَلٰى آلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَاحَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَانَبِيَّ الله وَعَلٰى آلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَانُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَاف (ترجمو: مون سنت اعتڪاف جي نيت ڪئي)

# درود شريف جي فضيلت

فرمانِ آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم : جيڪو مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ موڪليندو آهي، اللّٰه پاڪ ان تي **10 رحمتون** نازل فرمائيندو آهي، جيڪو مون تي **10** ڀيرا درود پاڪ موڪليندو آهي، اللّٰه پاڪ ان تي **100 رحمتون** نازل فرمائيندو آهي ۽ جيڪو مون تي **100** ڀيرا درود پاڪ موڪليندو آهي ته اللّٰه پاڪ ان جي ٻنهي اکين جي وچ ۾ لکي ڇڏيندو آهي ته هي شخص نفاق ۽ دوزخ جي باهه کان آزاد آهي ۽ قيامت جي ڏينهن ان کي شهيدن سان گڏ رکندو.[1]

اے مدینے کے تاجدار سلام | اے غریبوں کے غمگسار سلام
تیری اِک اِک اَدا پر اے پیارے | سو دُرودیں فدا ہزار سلام

---

1…معجم اوسط، جلد:5، صفحه:252، حديث:7235.

| | |
|---|---|
| میرے پیارے پہ، میرے آقا پر | میری جانب سے لاکھ بار سلام |
| عرض کرتا ہے یہ حسنؔ تیرا | تجھ پر اے خُلد کی بہار سلام [1] |

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

# بيان ٻڌڻ جون نيتون

حديث پاڪ ۾ آهي: اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّيَّات عملن جو دارومدار نيتن تي آهي.[2]

اي عاشقانِ رسول! سنين سنين نيتن سان عمل جو ثواب وڌي ويندو آهي، اچو تہ بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نيتون ڪري وٺون ٿا. نيت ڪيو تہ ! ۞ الله جي رضا جي لاءِ بيان ٻڌندس ۞ باأدب ويهندس ۞ خوب توجه سان بيان ٻڌندس ۞ جيڪو ٻڌندس ان کي ياد رکڻ، پاڻ عمل ڪرڻ ۽ ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

# شبِ قدر جون فضيلتون

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلحَمْدُلله! اڄ **رمضان شريف 1447 ھ** جي **27 ستاويهين** رات آهي، رحمتن، برڪتن، عزتن ۽ سلامتيءَ واري رات آهي. ڪيترائي علماءِ ڪرام قرآن ۽ سنت جي دليلن جي روشنيءَ ۾ فرمائن ٿا تہ ماهِ رمضان جي **ستاويهين رات** ئي **شبِ**

---

1…ذوق نعت، صفحہ:170، 171 ملتقطاً۔
2… بخاری، کِتَاب بَدءُ الْوَحی، صفحہ:65، حدیث:1۔

**قدر** آهي.[1] عالم سڳورا فرمائن ٿا تہ اُمَّت محمديہ جي خاصيت آهي تہ انهن کي شبِّ قدر جو تحفو عطا فرمايو ويو آهي.[2]

| | |
|---|---|
| لَيۡلَةُ الۡقَدۡرِ ۙ۬ خَيۡرٌ مِّنۡ اَلۡفِ شَهۡرٍ ؕ﴿۳﴾ (پارو: 30، سورة قدر: 3) | **ترجمو ڪنز العرفان:** شبِ قدر هزار مهينن کان بهتر آهي. |

يعني هن رات ۾ نيڪ عمل هزار راتين جي نيڪ عمل کان بهتر آهي. وڌيڪ ارشاد فرمايائون:

| | |
|---|---|
| تَنَزَّلُ الۡمَلٰٓئِكَةُ وَ الرُّوۡحُ فِيۡهَا بِاِذۡنِ رَبِّهِمۡ ۚ مِنۡ كُلِّ اَمۡرٍ ۛ﴿۴﴾ (پارو: 30، سورة قدر: 4) | **ترجمو ڪنز العرفان:** هن رات ۾ ملائڪ ۽ جبرائيل پنهنجي رب جي حڪم سان هر ڪم جي لاءِ لهندا آهن. |

آخري نبي، محمد عربي صَلَّى الله عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جڏهن **شبِ قدر** ايندي آهي تہ الله پاڪ جي حڪم سان حضرت جبرائيل عَلَيۡهِ السَّلاَم هڪ سائو جهنڊو ڪٺي فرشتن جي هڪ تمام وڏي فوج سان گڏ زمين تي نازل ٿيندا آهن ۽ ان سائي جهنڊي کي ڪعبي شريف تي لهرائي ڇڏيندا آهن.[3] هڪ روايت مطابق انهن فرشتن جو تعداد زمين ۾ موجود پٿرين جي تعداد کان بہ وڌيڪ هوندو آهي. اُهي سڀ سلام ۽ رحمت ڪٺي نازل ٿيندا آهن.[4] **هڪ بي حديث پاڪ ۾**

---

[1] مراة المناجيح، جلد:3، صفحہ:203۔
[2] المجموع شرح المهذب، جلد:6، صفحہ:447۔
[3] شعب الايمان، باب فى الصيام، جلد:3، صفحہ:336، حديث:3695
[4] مسند بزار، جلد:16، صفحہ:261، حديث:9447۔

**آهي**: حضرت جبرائيل عَلَيْهِ السَّلَام جا **100 پَرَ** آهن، جن مان صرف ٻه پَرَ هن رات ۾ کوليندا آهن. اهي ٻه پَرَ اوڀر کان اولهه تائين پکڙجي ويندا آهن. پوءِ حضرت جبرائيل عَلَيْهِ السَّلَام فرشتن کي حڪم ڏيندا آهن تہ جيڪو بہ مسلمان اڄ رات نماز يا اللّٰه جي ذڪر ۾ مشغول آهي، ان سان سلام ۽ مصافحو ڪريو ۽ سندن دعائن تي آمين بہ چئو! تنهنڪري فرشتا سندن حڪم تي عمل ڪندا آهن ۽ صبح تائين اِهو سلسلو جاري رهندو آهي.(1)

سُستیاں چھوڑ دے اُٹھ باندھ کمر آج کی رات
آج تھکنا نہیں مغرب تا فجر آج کی رات
آنکھ لگتی نہیں عاشق کی تو لمحہ بھر بھی
اور کب جاگے گا، جاگا نہ اگر آج کی رات
دائیں بائیں وہی دُنیا، وہی دُنیا کے مکر
دیکھ سجدے سے اُٹھانا نہیں سَر آج کی رات
غافلوں میں وہ کہیں نام نہ لکھ لیں تیرا
غول آئے ہیں ملائِک کے اُتر آج کی رات

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

# هزار سال جهنمي جي بخشش

پيارا اسلامي ڀائرو! هڪ حديث شريف ۾ هزار سال جهنم ۾

---

1…شعب الايمان، باب فی الصيام، فصل فی ليلة القدر، جلد:3، صفحہ:336، حديث:3695۔

رهڻ واري جو واقعو ذڪر ٿيل آهي، جيڪو وڏو سبق آموز، رحمت سان ڀرپور ۽ جهنم جي خوف کان تڙپائڻ وارو واقعو آهي.

حديث پاڪ جي ڪتاب "**مسند امام اعظم**" ۾ صحابيءِ رسول حضرت عبدالله بن مسعود رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُ کان روايت آهي: هڪ شخص بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿيو ۽ عرض ڪيائين: يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! ڇا ايمان وارن مان ڪو شخص جهنم ۾ رهجي ويندو؟ (يعني هُونئَن ته جهنم ڪافرن لاءِ ئي آهي، پر ڇا گنهگار مومن به جهنم ۾ ويندا ۽ پنهنجن گناهن جي سزا ڀوڳي بعد ۾ جنت ۾ داخل ٿيندا. صحابيءِ رسول جو سوال هي هو ته يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! ڇا ائين ممڪن آهي ته ڪو مومن هجي ۽ گناهن سبب جهنم ۾ وڃي ۽ اتي رهجي وڃي؟)

پاڻ سڳورن فرمايو: ها! هڪ شخص هوندو، هو جهنم جي گهرائيءَ ۾ ڪنهن ڪُنڊ ۾ هوندو ۽ سخت درد ۽ تڪليف وچان تڙپي تڙپي پڪاري رهيو هوندو: **يا حنان! يا منان!**

حضرت جبرائيل اَمين عَلَيۡهِ السَّلَام ان شخص جي پڪار ٻڌي حيران ٿي ويندا ته هي ڪير آهي جيڪو ايتري شديد درد سان الله پاڪ کي پڪاري رهيو آهي. هنن کان رهيو نه ٿيندو هڪدم عرشِ الهي جي سايي ۾ حاضر ٿيندا ۽ پنهنجو مٿو سجدي ۾ رکي ڇڏيندا. حڪم ٿيندو: جبرائيل! مٿو مٿي ڪڻ! تو ڪهڙي حيران ڪندڙ ڳالهه ڏٺي آهي؟ حضرت جبرائيل عَلَيۡهِ السَّلَام عرض ڪندا: ياالله پاڪ! جهنم جي گهراين مان آواز گونجي رهيو آهي، ڪو درد ڀَرِي دل سان تڙپي تڙپي **يا حنان! يا منان!** جون صدائون بلند ڪري رهيو آهي. حڪم ٿيندو: جبرائيل! جهنم تي مقرر فرشتي مالِڪ وٽ وڃ

۽ ڪيس ڇڏ تہ هن شخص کي ٻاهر ڪڍي. حضرت جبرائيل عَلَيۡهِ السَّلَام هڪدم ويندا ۽ جناب مالڪ کي اللّٰه پاڪ جو حڪم ٻڌائيندا.

**پيارا اسلامي ڀائرو!** هتان کان اڳتي روايت جا لفظ نهايت غور سان ٻڌو. پياري محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جيئن ماءُ پنهنجن ٻارن کي سڃاڻيندي آهي، حضرت مالڪ عَلَيۡهِ السَّلَام جهنمين جي ان ڪان بہ وڌيڪ سڃاڻپ رکن ٿا، پر اُن **يا حنان! يا منان!** پڪارڻ واري شخص کي ڳولي نہ سگهندا. واپس اچي چوندا: اي جبرائيل! جهنم هاڻي هاڻي هڪ ساهہ ڪنيو آهي، جنهن جي ڪري حالت اهڙي ٿي وئي آهي جو لوهہ ۽ پٿر ۾ فرق ڪرڻ مشڪل ٿي ويو آهي(اهڙي حالت ۾ ان شخص کي ڳولي نہ ٿو سگهجي).

اهو ٻڌي حضرت جبرائيل عَلَيۡهِ السَّلَام ٻيهر عرشِ الٰهي جي سايي ۾ حاضر ٿيندا ۽ مٿو سجدي ۾ رکي ڇڏيندا. حڪم ٿيندو: جبرائيل! ڇا ٿيو؟ ان ٻانهي کي ڇو نہ وني آئين؟ حضرت جبرائيل عَلَيۡهِ السَّلَام سڄو واقعو عرض ڪندا. اللّٰه پاڪ فرمائيندو: اي جبرائيل! اُهو شخص جهنم جي فلاڻي کڏ ۾، فلاڻي ڪنڊ ۾ آهي، وڃ ۽ ڪيس ٻاهر ڪڍي وني اچ ...!! حضرت جبرائيل عَلَيۡهِ السَّلَام ٻيهر جهنم ڏانهن ايندا ۽ جناب مالڪ کي ان شخص جا پارپتا ٻڌائيندا. هاڻي حضرت مالڪ عَلَيۡهِ السَّلَام جهنم جي اندر ويندا ۽ ان شخص کي هڪ کڏ جي اندر ڳولي لهندا. ان جي پيشاني پيرن سان ٻڌل هوندي، ۽ سندس هٿ ڳچيءَ سان ٻڌل هوندا، اونڌي مُنهن جهنم جي هڪ کڏ ۾ پيو هوندو، جهنم جا نانگ ۽ وِڇُون ان جي مٿان ڳهيرو ڪيل هوندا ۽ هو درد ۽ تڪليف جي شدت سبب اللّٰه پاڪ کي پڪاري رهيو هوندو. حضرت مالڪ عَلَيۡهِ السَّلَام ان شخص کي

اٿاريندا، سندس زنجيرون ڪوليون ويندون، نانگ ۽ وِڇُون پري ڪيا ويندا. پوءِ حضرت جبرائيل عَلَيۡهِ السَّلَام ان کي ساڻ ڪري الله پاڪ جي حضور ۾ حاضر ٿيندا. الله پاڪ ان گنهگار ٻانهي کي فرمائيندو: اي ٻانها! ڇا مان توکي سهڻي شڪل ۽ صورت تي پيدا نہ ڪيو هو؟ ٻانهو عرض ڪندو: ڇو نہ منهنجا مالڪ! تو مون کي تمام سهڻي صورت عطا ڪئي هئي. حڪم ٿيندو: ڇا تنهنجي هدايت لاءِ رسول نہ آيا هئا؟ ٻانهو عرض ڪندو: ڇو نہ منهنجا مالڪ! رسول آيا هئا. حڪم ٿيندو: ڇا تو تائين منهنجو ڪتاب نہ پهتو هو؟ اُهو شخص عرض ڪندو: مولا! پهتو هو. الله پاڪ فرمائيندو: پوءِ تو فلاڻا فلاڻا گناهہ ڇو ڪيا؟ ڇو منهنجي نافرماني ڪندو رهين؟

ان شخص وٽ ڇوٽڻ لاءِ ڪجهہ بہ نہ هوندو، بس هٿ جوڙي عرض ڪندو: اي منهنجا مالڪ ڪريم! مون پنهنجو پاڻ تي ظلم ڪيو، گناهہ ڪري پنهنجي جان کي جهنم جو حقدار بڻائيندو رهيس. **اي حنان ۽ منان ربَ !** مان پنهنجن گناهن سبب هڪ هزار سالن تائين جهنم ۾ رهيس، ان جي باوجود تنهنجي رحمت مان آسرو نہ لاٿو، مون کي يقين هو تہ منهنجي پڪار ٻڌي ويندي، تنهنجي رحمت جوش ۾ ايندي. ان اميد تي مان توکي مسلسل پڪاريندو رهيس. اي منهنجا عظمت وارا رب! هاڻي تو فضل فرمايو ئي آهي، جهنم مان ڪڍي ورتو ئي آهي، تہ مون تي رحم فرماءِ ۽ پنهنجي رحمت جي صدقي منهنجي بخشش فرماءِ.

ٻانهي جي اهڙي عاجزانہ عرض تي رحمتِ الهي جوش ۾ ايندي ۽ حڪم ٿيندو: اِشۡهَدُوا يَا مَلَائِكَتِي بِأَنِّي رَحِمۡتُهُ **اي منهنجا فرشتؤ!**

**شاهد ٿي ويو ته! مان هِن ٻانهي تي رحم ڪيو (۽ ڪيس بخشي ڇڏيو).**[1]

فضل کر، رحم کر، تُو عطا کر
اور معاف اے خُدا ہر خطا کر
واسطہ پنجتن پاک کا ہے
یاخُدا! تجھ سے میری دُعا ہے
عفو و رحمت کا بخشش کا سائِل
ہُوں نہایت گنہگار و غافِل
میرا سب حال تجھ پر کھلا ہے
یاخُدا! تجھ سے میری دُعا ہے
مجھ خطا کار پر بھی عطا کر
بےسبب بخش دے ربِّ اکبر
مجھ کو دوزخ سے ڈر لگ رہا ہے
یاخُدا! تجھ سے میری دُعا ہے
یاخُدا! ماہِ رمضان کے صدقے
سچّی توبہ کی توفیق دیدے
نیک بن جاؤں جی چاہتا ہے
یاخُدا! تجھ سے میری دُعا ہے[2]

## اللّٰه جي رحمت مان اميد نہ لاهجي

پيارا اسلامي ڀائرو! جيڪا حديث پاڪ اسان ٻڌي، ان مان اسان کي گهڻو ڪجهه سکڻ لاءِ ملي ٿو. سڀ کان پهريان اللّٰه پاڪ جي رحمت ۽ ان ٻانهي جي نہ ٽٽڻ واري اميد تي غور ڪريو! ٻانهو گنهگار آهي، جهنم ۾ آهي، زنجيرن ۾ جڪڙيل آهي، هڪ هزار سالن تائين نانگن ۽ وِڇُن جي گهيري ۾ رهيو، ان جي باوجود بہ سندس اميد نہ ٽٽي. هُو اللّٰه پاڪ کي پڪاري رهيو هو، پڪاريندو

---

[1] مسند امام اعظم، کتاب الایمان والاسلام...الخ، صفحہ:81-85، حدیث:28
[2] وسائلِ بخشش، صفحہ:134-136 ملتقطاً۔

رهيو، مسلسل مايوس ٿيڻ کان بغير پڪاريندو رهيو. آخرڪار سندس پڪار ٻڌي وئي ۽ هو بخشيو ويو.
معلوم ٿيو ته اسان جي اميد نه ٽٽڻ گهرجي. الله پاڪ جي رحمت تمام گهڻي وسيع آهي، ايتري وسيع آهي جو اسان ان جو تصور به نه ٿا ڪري سگهون.

## اي ٻانهؤ! مايوس نه ٿيو

الله پاڪ قرآن ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

قُلْ یٰعِبَادِیَ الَّذِیْنَ اَسْرَفُوْا عَلٰۤی اَنْفُسِهِمْ لَا تَقْنَطُوْا مِنْ رَّحْمَةِ اللّٰهِؕ اِنَّ اللّٰهَ یَغْفِرُ الذُّنُوْبَ جَمِیْعًاؕ

(پارو: 24، سورة زُمر: 53)

ترجموڪنز العرفان: اوهان فرمايو: اي منهنجا اهي ٻانهؤ جن پنهنجي پاڻ تي زيادتي ڪئي! الله جي رحمت کان مايوس نه ٿجو. بيشڪ الله سمورا گناھ بخشي ڇڏيندو آهي.

## مسلمانن سان سڀ کان پهريون ڪلام

حضرت معاذ بن جبل رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کان روايت آهي ته رسولِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: ڇا مان توهان کي ٻڌايان ته قيامت جي ڏينهن الله پاڪ ۽ ٻانهن جي وچ ۾ سڀ کان پهريون ڪلام ڪهڙو هوندو؟ فرمايائون: الله پاڪ فرمائيندو: (اي ايمان وارؤ!) ڇا توهان منهنجي بارگاھ ۾ حاضري جو شوق رکندا هيؤ؟ ٻانها عرض ڪندا: ها مالڪ! اسان تنهنجي ملاقات جو شوق رکندا هئاسين. الله پاڪ فرمائيندو: ڇو؟ ڪهڙي سبب جي ڪري شوق

رکندا هيؤ؟ ٻانها عرض ڪندا: مولا! اسان کي اميد هئي تہ تون اسان جي بخشش فرمائيندين. الله پاڪ فرمائيندو: قَدۡ وَجَبَتۡ لَکُمۡ مَغۡفِرَتِی **تحقيق توهان جي لاءِ منهنجي بخشش واجب ٿي وئي**۔ [1]

مغفرت کا ہُوں تجھ سے سُوالی | پھیرنا اپنے دَر سے نہ خالی
مجھ گنہگار کی التجا ہے | یاخُدا تجھ سے میری دُعا ہے
نارِ دوزخ سے مجھ کو اماں دے | مغفرت کر کے باغِ جناں دے
کر دے رحمت مری التجا ہے | یاخُدا تجھ سے میری دُعا ہے [2]

## جهنم جي عذابن جي شِدت

پيارا اسلامي ڀائرو! هزار سال جهنمي جي بخشش جو واقعو جيڪو اسان حديث جي روشنيءَ ۾ پڙهو، ان جي هڪ ٻئي پهلو تي بہ غور ڪريو! اِها تہ الله پاڪ جي رحمت آهي جو هو وڏي کان وڏي گنهگار کي بہ بخشي ڇڏي.

پر سوچيو! جيڪڏهن هو بخشش نہ فرمائي تہ اُهو جهنم، جيڪو نافرمانن لاءِ تيار ڪيو ويو آهي، ڪيڏو نہ خطرناڪ آهي. اُهو شخص هزار سال جهنم ۾ رهيو، زنجيرن ۾ جڪڙيل، نانگن ۽ وِڇُن ۾ گهيريل. پوءِ حضرت مالڪ عَلَيۡهِ السَّلَام جو اهو جواب بہ ياد ڪريو! پاڻ هڪ هڪ جهنمي کي اهڙي طرح سڃاڻيندا آهن جيئن ماءُ پنهنجن ٻارن کي سڃاڻيندي آهي، پر جڏهن حضرت جبرائيل

---

[1] الزہد لابن مبارک، باب ذکر الموت، صفحہ:115، حديث:276۔
[2] وسائلِ بخشش، صفحہ:136 ملتقطاً۔

عَلَيْهِ السَّلَام ان شخص کي ٻاهر ڪڍڻ جو چيو تہ پاڻ فرمايائون: اي جبرائيل! هن وقت جهنم هڪ ساهہ ڪنيو آهي، هن وقت پٿر کي لوهہ کان ۽ لوهہ کي پٿر کان جدا ڪرڻ تمام گهڻو مشڪل آهي.

اَلْاَمَان وَالْحَفِيْظ...!! الله پاڪ جي پناهہ! الله پاڪ جي پناهہ!

پيارا اسلامي ڀائرو! جيڪا باهہ پٿر ۽ لوهہ جو فرق مٽائي ڇڏي، اها ڪيڏي نہ شدت واري باهہ هوندي ...!! افسوس! اسان ڪمزور جسم وارا، اسان مٽيءَ جا ٺهيل ماڻهو، اسان کان تہ جون جولاءِ جي گرمي بہ برداشت نہ ٿيندي آهي، اسان جهنم جي باهہ ڪيئن برداشت ڪري سگهنداسين؟ اسان جي چمڙي ڪمزور، اسان جو گوشت ڪمزور، اسان جون هڏيون ڪمزور. جيڪا باهہ پٿرن کي پگهاري ڇڏي، اُها اسان جي هڏين جو ڪهڙو حال ڪندي؟ الله پاڪ فرمائي ٿو:

كُلَّمَا نَضِجَتْ جُلُوْدُهُمْ بَدَّلْنٰهُمْ جُلُوْدًا غَيْرَهَا

(پارو: 5، سورة نساء: 56)

ترجمو ڪنز العرفان: جڏهن بہ انهن جون کلون خوب سڙي وينديون تہ اسان انهن جي کلن کي ٻين کلن سان بدلائي ڇڏينداسين

هن آيت جي تفسير ۾ حضرت امام حسن بصري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا تہ اُها باهہ روزانو کين 70 هزار ڀيرا ساڙيندي، جڏهن اُها انهن کي ساڙي ڇڏيندي تہ چيو ويندو تہ پنهنجي پهرين حالت تي واپس اچي وڃو، بس پوءِ اهي پنهنجي پهرين حالت تي واپس اچي ويندا. (1)

1…مصنف ابن ابی شيبہ، کتاب ذکر النار، جلد:8، صفحہ:97، حديث:35۔

| | |
|---|---|
| ہائے حُسنِ عمل نہیں پلے | حشر میں میرا ہو گا کیا یارَبّ! |
| گرمیِ حشر، پیاس کی شدَّت | جامِ کوثر مجھے پلا یارَبّ! |
| خوف دوزخ کا آہ! رحمت ہو | خاکِ طیبہ کا واسطہ یارَبّ! |
| میرا نازُک بدن جہنّم سے | از طفیلِ رضا بچا یارَبّ! (1) |

# جهنم جو عذاب نهايت سخت آهي

اي عاشقانِ رسول! بيشڪ جهنم کا اهڙي شيءِ نہ آهي جنهن کان غفلت ڪئي وڃي. جهنم جو عذاب انتهائي هولناڪ آهي. الله پاڪ قرآن ڪريم ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| وَ اَنَّ عَذَابِیْ هُوَ الْعَذَابُ الْاَلِیْمُ ﴿۵۰﴾<br>(پارو: 13، سورة حجر: 50) | ترجمو ڪنز العرفان: ۽ بيشڪ منهنجو ئي عذاب درد ناڪ عذاب آهي. |

هڪ ٻي جاءِ تي ارشاد ٿئي ٿو:

| | |
|---|---|
| وَلَعَذَابُ الْاٰخِرَةِ اَشَدُّ وَ اَبْقٰی ﴿۱۲۷﴾<br>(پارو: 16، سورة طٰهٰ: 127) | ترجمو ڪنز العرفان: ۽ بيشڪ آخرت جو عذاب سڀ کان سخت ۽ سڀ کان گهڻو باقي رهڻ وارو آهي. |

| | |
|---|---|
| گناہگار ہوں میں لائقِ جہنَّم ہوں | کرم سے بخش دے مجھ کو نہ دے سزا یارب |
| بُرائیوں پہ پَشیماں ہوں رَحم فرمادے | ہے تیرے قَہر پہ حاوی تری عطا یارب |

1…وسائلِ بخشش، صفحہ:80۔

# جبل زمين جي اندر هليا وڃن

هڪ ڀيري حضرت جبرائيل اَمين عَلَيْهِ السَّلَام بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿيا، سندن رنگ بدليل هو. رسولِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پڇيو: جبرائيل! ڇا ڳالهه آهي؟ مان توهان جو رنگ بدليل ڏسي رهيو آهيان. حضرت جبرائيل عَلَيْهِ السَّلَام عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! هن وقت الله پاڪ جهنم کي ٻارڻ جو حڪم ڏنو آهي. رسولِ خدا احمدِ مجتبيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جبرائيل! مون کي جهنم جي باري ۾ ٻڌاءِ. حضرت جبرائيل عَلَيْهِ السَّلَام عرض ڪيو: يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! الله پاڪ جهنم کي حڪم ڏنو تہ ان جي باهه هڪ هزار سالن تائين ٻاري وئي، ايستائين جو اها اَڇي ٿي وئي. پوءِ ان کي وڌيڪ هڪ هزار سالن تائين ٻاريو ويو، ايستائين جو اها ڳاڙهي ٿي وئي. پوءِ ان کي اڃان وڌيڪ هڪ هزار سالن تائين ڀڙڪايو ويو، ايستائين جو اها بلڪل ڪاري ٿي وئي. هاڻي جهنم جي باهه بلڪل ڪاري آهي، نہ ان ۾ ڪا چڻنگ روشن ٿي رهي آهي، نہ ئي ان جو ڀڙڪڻ ختم ٿي رهيو آهي ۽ نہ ئي ان جا شعلا وِسامي رهيا آهن. ان ذات جو قسم! جنهن توهان کي سچو نبي بڻائي موڪليو آهي، جيڪڏهن سُئي جي سوراخ جيترو بہ جهنم کي کوليو وڃي تہ سموري زمين جا ماڻهو فنا ٿي وڃن، ان ذات جو قسم! جنهن توهان کي حق سان گڏ موڪليو آهي! جيڪڏهن جهنم جي زنجيرن جو هڪ دائرو دنيا جي جبلن تي رکيو وڃي تہ اهي پورا پورا ٿي زمين جي اندر هليا

وڃن.(1)

| | |
|---|---|
| خوف دوزخ کا آہ! رحمت ہو | خاکِ طیبہ کا واسطہ یارب |
| میرا نازُک بَدن جہنَّم سے | از طفیلِ رضا بچا یارب |

## افسوس! اسان جو ڇا ٿيندو...؟

پيارا اسلامي ڀائرو! هن روايت مان اندازو لڳايو ته جهنم ڪيتري قدر هولناڪ آهي. جيڪڏهن سُئي جي ناڪڙي جيترو به جهنم کي کوليو وڃي ته سموري زمين جا رهاڪو ان جي تپش ۽ گرمي سبب فنا ٿي وڃن.

الله! الله! سُئي جو سوراخ هوندو ڪيترو آهي؟ ان ۾ جيڪڏهن ڌاڳو وِڌو وڃي تڏهن به ڪافي مشڪل لڳندي آهي. ايترو ته ننڍڙو سوراخ هوندو آهي. جڏهن ايتري ننڍڙي سوراخ جي برابر جهنم کي کولڻ سان ايتري تباهي ٿي سگهي ٿي ته پوءِ اندازو لڳايو! اُهي بدنصيب جن کي ان جهنم جي اندر اڇلايو ويندو، افسوس! جهنم جي ڀڙڪندڙ باهه سندن جسمن سان ويڙهجي ويندي، انهن جي جسمن کي اندر تائين ساڙي ڇڏيندي. افسوس! جن جي مٿي کان وٺي پيرن تائين جهنم جي باهه ئي باهه هوندي، غور ته ڪريو! اِها هولناڪ باهه انهن جو ڪهڙو حال بڻائي ڇڏيندي.

اچو ته گڏجي گنهگارن کي بخشرائڻ واري آقا، جنت ڏيارڻ واري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهه ۾ فرياد ڪريون ٿا:

---

1…معجم الاوسط، جلد:2، صفحہ:78، حديث:2583۔

میں مجرم ہوں جہنّم میں اگر پھینکا گیا مجھ کو
ہلاکت ہو گی ہائے! کیا کروں گا یارسولَ اللہ!
لپک کر آگ کے شعلے لپٹتے ہوں گے، بربادی
کرم کر دو یہ سب کیسے سہوں گا یارسولَ اللہ!
اندھیری آگ ہو گی، روشنی بالکل نہیں ہو گی
کرم کر دو یہ سب کیسے سہوں گا یارسولَ اللہ!
وہاں کانوں میں، آنکھوں میں، دَہن میں پیٹ میں بھی آگ
کرم کر دو یہ سب کیسے سہوں گا یارسولَ اللہ!
فرشتے ڈانٹے ہوں گے، ہتھوڑے مارتے ہوں گے
کرم کر دو یہ سب کیسے سہوں گا یارسولَ اللہ!
وہاں سانپ اور بچھو بھی مسلسل ڈس رہے ہوں گے
کرم کر دو یہ سب کیسے سہوں گا یارسولَ اللہ!
غذا دوزخ کی تھوہر اور اُوپَر کھولتا پانی
کرم کر دو یہ سب کیسے سہوں گا یارسولَ اللہ!
نہ مانگے موت آئے گی، نہ بیہوشی ہی چھائیگی
کرم کر دو یہ سب کیسے سہوں گا یارسولَ اللہ!
جو تم چاہو گے تو ہوں گی مری سب مشکلیں آساں
وگرنہ نار میں، میں جا پڑوں گا یارسولَ اللہ!

تمہارا ہوں غُلامی اور ہے غُلامی پر مجھے تو ناز
کرم سے ساتھ جنّت میں چلوں گا یارسولَ اللہ![1]

# اهلِ جهنم جي عذابن جي مختصر جهلڪ

حُجَّةُ الاسلام امام محمد بن محمد غزالي رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه جهنم جي عذابن جو نقشو چِٽيندي لکن ٿا: جهنم وارن کي جهنم ۾ اچلائي اهڙي گهر ۾ قيد ڪيو ويندو جنهن جا ڪنارا تنگ هوندا، رستا اونداها هوندا، ان جهنم ۾ هلاڪت جا اسباب هوندا. افسوس! جهنم جي باهہ ڀڙڪائي ويندي، جهنم وارن کي پيئڻ لاءِ ٿهڪندڙ پاڻي ڏنو ويندو، عذاب جا فرشتا انهن کي گُرزن سان ماريندا، جهنمين جا پير سندن پيشانيءَ جي وارن سان ٻڌا ويندا ۽ گناهن جي ڪارڻ سبب سندن چهرا ڪارا ٿي ويندا. جهنم وارا دوزخ جي اندران دانهون ڪندا ۽ جهنم تي مُقرر فرشتي حضرت مالڪ عَلَيۡهِ السَّلَام کي هيئن پڪاريندا رهندا، چوندا: اي مالڪ! اسان تي عذاب جو واعدو سچو ثابت ٿي ويو، اي مالڪ! زنجيرون اسان تي تمام ڳوريون آهن، اي مالڪ! اسان جون چمڙيون پچي ويون آهن، اي مالڪ! هاڻي اسان کي هن مان ٻاهر ڪڍ، اسان ٻيهر برا عمل نہ ڪنداسين. دوزخ جو فرشتو جواب ڏيندو: هاءِ افسوس! امانَ جو وقت گذري ويو، هاڻي توهان جي لاءِ جهنم مان نڪرڻ جو ڪو رستو نہ آهي! ذِڪاريل ٿي ان ۾ ئي پيل رهو ۽ ماٺ ڪريو، جيڪڏهن توهان کي هڪ ڀيرو ان مان ٻاهر ڪڍيو بہ وڃي تہ توهان

[1]…وسائلِ بخشش، صفحہ:324 و325 ملتقطًا۔

ٻيهر اُهي ئي ڪم ڪندؤ جن کان توهان کي منع ڪيو ويو آهي.

هاڻي جهنمي نااميد ٿي ويندا ۽ پنهنجن گناهن تي افسوس ڪندا، پر هاڻي اِها ندامت ڪجھ ڪم نہ ايندي، نہ ئي افسوس ڪين ڪو فائدو ڏيندو. جهنمين کي طوق پارائي اونڌي منهن اڇلايو ويندو، سندن مٿان، هيٺان، ساڄي کاٻي هر طرف باھ ئي باھ هوندي، اهي باھ ۾ غرق هوندا، باھ ئي سندن کاڌو هوندي، باھ ئي سندن لباس هوندي ۽ باھ ئي سندن وِڇاڻو هوندي. جهنمين کي ڊانبر جو لباس پارايو ويندو، جهنمين کي گُرزن سان ماريو ويندو، جهنمين کي ڳچيون زنجيرون پارايون وينديون، جهنمي جهنم جي تنگ وادين ۾ رڙيون ڪندا رهندا ۽ ان جي اونهن کڏن ۾ لغامن سان جڪڙيل هوندا. جهنمين جي مٿان ديڳڙيءَ وانگر جوش هڻندڙ باھ مسلط ڪئي ويندي، اهي واويلا ڪندا، آھ و زاري ڪندا، دانهون ۽ ڪُوڪُون ڪندا رهندا. جهنمي جڏهن بہ موت کي گهرندا تہ سندن مٿان ٽهڪندڙ پاڻي وڌو ويندو جيڪو سندن ڳلَ کي ۽ سندن پيٽ جي اندر جيڪو ڪجھ آهي سڀ ڪجھ پِگهاري ڇڏيندو. جهنمين لاءِ لوھ جا گُرز هوندا جيڪي سندن پيشانين کي پورا پورا ڪري ڇڏيندا، سندن وات مان خون مليل پُونءِ نڪرندي. اُڃَ جي شدت سبب سندن جگر ڦاٽي پوندا، سندن اکيون وَهي ڪري ڳلن تي اچي وينديون ۽ رخسارن جو گوشت ڇڻي پوندو، سندن بدن تان وارَ تہ ڇا پر چمڙي بہ ڪِري پوندي. جڏهن جڏهن سندن چمڙي خراب ٿي ويندي تہ ڪين ٻي چمڙي بدلائي ڏني ويندي. افسوس! جهنم وارن جون هڏيون گوشت کان خالي ٿي وينديون، سندن روحَ

رڳن ۾ ماس ۾ اٽڪيل هوندا ۽ سندن رڳون جهنم جي باهه سبب خشڪ ٿي وينديون. اهي موت جي تمنا ڪندا پر کين موت نہ ايندو.(1)

# جهنم کان ڇوٽڪارو ڏيارڻ وارا اعمال

اي عاشقانِ رسول! يقيناً جهنم جو عذاب برداشت ڪرڻ اسان مان ڪنهن جي بہ وَسَ جي ڳالهہ نہ آهي. هاڻي اسان جيئرا آهيون، اسان جا ساهہَ هلي رهيا آهن، هاڻي موقعو آهي، اچو تہ نيڪ ڪم ڪريون، جنت ۾ وٺي وڃڻ وارا، اللّٰہ ۽ رسول جي رضا وارا ڪم ڪريون.

اچو تہ جهنم کان نجات ڏيارڻ وارا ڪجهہ اعمال ھن نيت سان ٻڌون تہ انهن کي باقاعدي پنهنجي زندگيءَ جو حصو بڻائينداسين. اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم!

# (1): جهنم کان ڇوٽڪاري جي دعا ڪندا رهو!

جهنم کان بچڻ ۽ نجات حاصل ڪرڻ لاءِ پهريون عمل تہ هي آهي تہ جهنم کان بچڻ لاءِ اللّٰہ پاڪ کان دعا ڪئي وڃي. حديث پاڪ ۾ آهي: اللّٰہ پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جيڪو اللّٰہ پاڪ کان 3 ڀيرا جنت گهرندو آهي تہ جنت چوندي آهي: يا اللّٰہ! هِن کي جنت ۾ داخل ڪري ڇڏ ۽ جيڪو 3

1احياء العلوم، كتاب ذكر الموت وما بعده، القول فى صفة جهنم...الخ، جلد:4، صفحہ:642 و643۔

پيرا جهنم کان پناهه گهرندو آهي تہ جهنم چوندو آهي: ياالله! هن کي باهہ کان اَمان ڏئي ڇڏ. (1)

مشهور مفسر قرآن مفتي احمد يار خان نعيمي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه هن حديث جي شرح ڪندي فرمائن ٿا: جيڪو روزانو صبح ۽ شام يا ڏينهن ۾ ڪنهن بہ وقت يا سڄي زندگي ۾ ڪنهن بہ وقت **3** پيرا چوي: اَللّٰهُمَّ اَدۡخِلۡنِی الۡجَنَّةَ (الٰهي! مون کي جنت ۾ داخل فرماءِ) ۽ **3** پيرا چوي: اَللّٰهُمَّ اَجِرۡنِیۡ مِنَ النَّارِ (يا الله! مون کي جهنم کان بچاءِ) تہ جنت پاڻ هُن جي لاءِ جنت ۾ داخل ٿيڻ جي دعا ڪندي ۽ خود دوزخ هن جي لاءِ پناهه جي دعا گهرندو. (2)

جهنم کان پناهه هنن لفظن ۾ بہ گهري سگهجي ٿي: يا الله! مون کي جهنم کان بچاءِ!

| | |
|---|---|
| گناہ گار ہوں میں لائقِ جہنم ہوں | کرم سے بخش دے مجھ کو نہ دے سزا یاربّ! |
| بُرائیوں پہ پشیماں ہوں رَحم فرمادے | ہے تیرے قہر پہ حاوی تری عطا یاربّ![3] |

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

1…ترمذی، کتاب صفة الجنة، صفحه:605، حديث:2572۔
2…مرآة المناجيح، جلد:4، صفحه:67۔
3 وسائلِ بخشش، صفحه:78۔

# صبح ۽ شام جهنم کان پناهہ گھرڻ جي فضيلت

صحابيءِ رسول حضرت مسلم بن حارث رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ فرمائن ٿا: الله پاڪ جي آخري نبيءَ، رسولِ هاشمي صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مون کي فرمايو: فجر جي نماز کان پوءِ ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ کان اڳ هي ڪلما ست ڀيرا پڙهندو ڪر: اَللّٰھُمَّ اَجِرۡنِیۡ مِنَ النَّارِ (اي الله! مون کي جهنم کان بچاءِ). جيڪڏهن تون ان ڏينهن مري وئين تہ الله پاڪ تنهنجي لاءِ جهنم کان امان لکي ڇڏيندو. اهڙي طرح مغرب جي نماز کان پوءِ ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ کان اڳ اِهي ئي ڪلما ست ڀيرا پڙهندو ڪر: اَللّٰھُمَّ اَجِرۡنِیۡ مِنَ النَّارِ (اي الله! مون کي جهنم کان بچاءِ)، پوءِ جيڪڏهن تون ان رات ۾ مري وئين تہ الله پاڪ تنهنجي لاءِ جهنم کان امان لکي ڇڏيندو.(1)

# (2): تقويٰ اختيار ڪريو

الله پاڪ قرآن ڪريم ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

ثُمَّ نُنَجِّی الَّذِیۡنَ اتَّقَوۡا (پارو: 16، سورة مريم: 72)

ترجمو ڪنزالعرفان: پوءِ اسان پرهيزگارن کي بچائي وٺنداسين

اي عاشقانِ رسول! هن آيتِ ڪريمہ ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ قيامت

1…ابو داؤد، ڪتاب الادب ، صفحہ:793، حديث:5079بتقدم وتآخر۔

جي ڏينهن سيني کي جهنم (يعني پل صراط) تان گذرڻو آهي، ان وقت نجات اهي حاصل ڪندا جيڪي تقويٰ وارا ۽ پرهيزگار آهن.

معلوم ٿيو ته پرهيزگاري جي برڪت سان جهنم کان نجات ملندي آهي.

# تقويٰ چاڪي چئبو آهي

تقويٰ گناهن کان بچڻ جو نالو آهي. حضرت سهل بن عبدالله تُستري رَحمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ فرمائن ٿا: جيڪو شخص چاهي ٿو ته سندس تقويٰ درست ٿي وڃي ته اهو تمام گناهن کي ڇڏي ڏئي. (1)

اي عاشقانِ رسول! تقويٰ وارا يعني گناهن کان بچڻ وارا قيامت جي ڏينهن نجات حاصل ڪرڻ وارا هوندا. اسان کي به گهرجي ته اسان تقويٰ اختيار ڪريون، گناهن کان بچون، هرگز نماز قضا ٿيڻ نه ڏيون، روزا به پورا رکون، زڪوٰت به پوري ڏيون، فلمون، ڊراما، بي پردگي وغيره وغيره گناهن کان بچندا رهنداسين ته اِنۡ شَآءَ اللہُ الۡکَرِیۡم! دنياوي زندگي به سٺي گذرندي ۽ آخرت ۾ به نجات جي خيرات نصيب ٿي ويندي. اِنۡ شَآءَ اللہُ الۡکَرِیۡم!

گناہوں سے مجھ کو بچا یا الٰہی! | بُری خصلتیں بھی چُھڑا یا الٰہی!
خطاؤں کو میری مِٹا یا الٰہی! | مجھے نیک خصلت بنا یا الٰہی!
تجھے واسطہ سارے نبیوں کا مولا | مِری بخش دے ہر خطا یا الٰہی! (2)

---

1…رسالہ قشیریہ، باب التقویٰ، صفحہ:142۔

2…وسائل بخشش، صفحہ:100۔

# (3): خوفِ خدا ۾ ڳوڙها وَهايو

هڪ ٻيري هڪ صحابي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿيا ۽ عرض ڪيائون: يا رسول الله صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! مان ڪهڙي شيءِ جي ذريعي جهنم کان نجات حاصل ڪري سگهان ٿو؟ رسولِ رحمت، شفيع اُمَّت صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: پنهنجين اکين جي ڳوڙهن جي ذريعي. عرض ڪيائون: اُهو ڪيئن؟ فرمايو ويو: خوفِ خدا ۾ روئندو ڪر! ڇو ته جيڪا اک الله پاڪ جي خوف ۾ روئندي آهي، ان کي جهنم جو عذاب نه ٿيندو.(1)

یاربّ! میں تیرے خوف سے روتا رہوں ہر دم | دیوانہ شہنشاہِ مدینہ کا بنا دے[2]

# جهنم کان محفوظ اَکِ

حضرت عبدالله بن عباس رَضِیَ اللّٰہُ عَنْھُمَا کان روايت آهي ته سرڪارِ مدينه، قرارِ قلب و سينه صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: ٻن قسم جي اکين کي جهنم جي باهه نه ڇُهندي: (1): اُها اکِ جيڪا رات جي ڪنهن حصي ۾ الله پاڪ جي خوف سبب روئي (2): ۽ ٻي اُها اک جيڪا الله پاڪ جي راهه ۾ پهرو ڏيندي رات گذاري.[3]

حضرت نضر بن سعد رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا: جنهن جي اک مان خوفِ خدا سبب ڳوڙها وَهن ته الله پاڪ ان جي چهري کي جهنم تي حرام فرمائي ڇڏيندو آهي. جيڪڏهن اهي ڳوڙها سندس ڳلن

---

1……موسوعه ابن ابی الدنیا، کتاب الرقہ والبکاء، جلد:3، صفحہ:170، حدیث:4۔

2……وسائلِ بخشش، صفحہ:119۔

3……ترمذی ، کتاب الجہاد، صفحہ:416، حدیث:1639۔

تائين وهي اچن تہ قيامت جي ڏينهن هو ذلت کان محفوظ رهندو. جيڪڏهن ڪو شخص ڪجهہ ماڻهن جي وچ ۾ خوفِ خدا سبب روئي تہ اللّٰہ پاڪ ان جي برڪت سان ٻين ماڻهن تي بہ رحم فرمائيندو آهي. وڌيڪ فرمائن ٿا: ڳوڙهن کان سواءِ هر عمل جو وزن ڪيو ويندو، جڏهن تہ صرف هڪ ڳوڙهو باهہ جي سمندن کي وسائي ڇڏيندو.[1]

مرے اشک بہتے رہیں کاش ہر دم | ترے خوف سے یاخدا یا الٰہی
ترے خوف سے تیرے ڈر سے ہمیشہ | میں تھرتھر رہوں کانپتا یا الٰہی [2]

# خوفِ خدا سبب روئڻ جي عادت ڪيئن بڻايون

پيارا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو تہ خوفِ خدا سبب روئڻ جهنم کان بچائڻ وارو عمل آهي. ڪاش! اسان کي خالص اللّٰہ پاڪ جي رضا جي لاءِ خوفِ خدا سبب روئڻ نصيب ٿي وڃي.

روزانو تنهائي ۾ ۽ جيڪڏهن ٿي سگهي تہ قبرستان وڃي اکيون بند ڪري ويهو، پنهنجي ڪمزوري ۽ ناتواني جو تصور ڪريو، پنهنجن گناهن کي ياد ڪريو ۽ سوچيو تہ هاءِ! جيڪڏهن گناهن تي پڪڙ ٿي وئي، اللّٰہ پاڪ مون کان ناراض ٿي ويو تہ مان ڇا ڪندس؟ افسوس! عنقريب حضرت ملڪ الموت عَلَيۡهِ السَّلَام تشريف ڪٽي ايندا، منهنجو روح قبض ڪيو ويندو، پوءِ جلد ئي

1…موسوعة امام ابن ابی الدنیا، کتاب الرقة والبکاء، جلد:3، صفحہ:172، حديث:14۔

2…وسائل بخشش، صفحہ:105۔

منهنجا عزيز ۽ رشتيدار مون کي غسل ڏئي، ڪفن پارائي، نماز جنازو ادا ڪرڻ کان پوءِ سخت اونداهي قبر ۾ لاهي ڇڏيندا. اهڙو سوڙهو گهر، اهڙي تنهائي، وحشت ۽ سخت اونداهي جنهن جو پهريان ڪڏهن تجربو نہ ڪيو هوندو. اجان موت جون تڪليفون گهٽ ئي نہ ٿيون هونديون تہ قبر جي وحشت...! ۽ اِها وحشت اجان دور بہ نہ ٿي هوندي تہ منڪر نڪير تشريف ڪٽي ايندا. ها! ها! قبر ۾ امتحان ٿيندو. افسوس! صد افسوس! جيڪڏهن منهنجا گناهہ اڳيان اچي ويا ۽ مان قبر جي امتحان ۾ ناڪام ٿي ويس تہ منهنجو ڇا ٿيندو؟ هاءِ! قيامت جي ڏينهن جيڪڏهن گناهن تي پڪڙ ٿي وئي، ۽ خدانخواستہ جيڪڏهن مون کي جهنم ۾ اڇلايو ويو تہ منهنجو ڇا ٿيندو...؟ هاءِ! افسوس! اهي جهنم جون هولناڪ سزائون، اتان جا وڏا وڏا نانگَ، بُختي اُٺَن جهڙا وِڇُون، انتهائي تيز باهہ جيڪا جسم کي اندر تائين ساڙي ڇڏيندي. هاءِ! جيڪڏهن مون کي معافي نہ ملي، شفاعتِ مصطفيٰ کان بہ محروم ٿي ويس ۽ مون کي جهنم ۾ وِڌو ويو تہ منهنجو ڇا ٿيندو...؟؟

دِل ہائے گناہوں سے بیزار نہیں ہوتا | مغلوب شہا! نفس بَدکار نہیں ہوتا
اے ربّ کے حبیب آؤ! اے میرے طبیب آؤ | اچھا یہ گناہوں کا بیمار نہیں ہوتا
گو لاکھ کروں کوشش اِصلاح نہیں ہوتی | پاکیزہ گناہوں سے کِردار نہیں ہوتا
یہ سانس کی مالا اب بس ٹوٹنے والی ہے | غفلت سے مگر اب بھی بیدار نہیں ہوتا[1]

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

[1] وسائلِ بخشش، صفحہ:163 ملتقطاً۔

اي عاشقانِ رسول! اهڙي طرح جيڪڏهن پنهنجن گناهن ۽ قبر ۽ آخرت جي عذابن جو تصور ڪندؤ تہ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! خوفِ خدا سبب دل ڪَنبي ويندي ۽ اکين مان ڳوڙها بہ جاري ٿي ويندا. اللّٰه پاڪ اسان کي خوفِ خدا سبب روئڻ نصيب فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

# (4) ثواب جي نيت سان آذان ڏيو

صحابيءِ رسول حضرت عبداللّٰه بن عباس رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمَا کان روايت آهي تہ شهنشاهِ مدينہ، قرارِ قلب و سينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جنهن ثواب جي نيت سان ست سال آذان ڏني تہ ان جي لاءِ جهنم کان نجات لکي ويندي آهي.[1]

مشهور مفسر قرآن مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه هن حديث جي تحت فرمائن ٿا: جيڪو بغير پگهار جي ست سال آذان ڏئي تہ اللّٰه پاڪ ان جي لاءِ جهنم کان آزادي ۽ جنت ۾ داخل ٿيڻ جو پروانو لکي ڇڏيندو آهي جيڪو قيامت جي ڏينهن کيس ڏنو ويندو.[2]

سُبْحٰنَ اللّٰه! معلوم ٿيو تہ اللّٰه پاڪ جي رضا لاءِ آذان ڏيڻ بہ جهنم کان بچائڻ وارو عمل آهي. ڪاش! اسان آذان ڏيڻ جي سعادت حاصل ڪرڻ وارا بڻجي وڃون. آذان ڏيڻ ڪو مشڪل ڪم نہ آهي، اسان اَلحَمْدُللّٰه! مسلمان آهيون، نديڻ کان وٺي آذان ٻڌندا پيا اچون.

---

1…ابن ماجہ، کتاب الاذان، باب فضل الاذان وثواب والمؤذنين، صفحہ:125، حديث:727۔

2… مرآة المناجيح، جلد:1، صفحہ415۔

پوري آذان ۾ صرف **15** ڪلما آهن، اُهي ڪلما چڱيءَ طرح ياد ڪري ڪنهن عاشقِ رسول قاري صاحب کي ٻڌايو! پوءِ وقت بوقت صرف الله پاڪ جي رضا جي لاءِ مسجد ۾ آذان ڏيندا رهو، الله پاڪ چاهيو ته اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! ڪوڙ سارو ثواب به ملندو ۽ جهنم کان نجات به ملي ويندي.

# آذان جي فضيلت تي 3 حديثون

**(1)** رسول اڪرم، نور مجسم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ثواب جي خاطر آذان ڏيڻ وارو اُن شهيد جيان آهي جيڪو رت سان پريل آهي ۽ جڏهن اُهو مرندو ته قبر ۾ ان جي جسم ۾ ڪيڙا نه پوندا.[1]
**(2):** هڪ حديث پاڪ ۾ آهي، فرمايائون: مان جنت ۾ ويس، اُتي موتين جا گنبذ ڏٺا. پڇيم: اي جبرائيل! هِي ڪنهن جي لاءِ آهن؟ عرض ڪيائين: توهان (صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جي امت جي مؤذنن ۽ امامن جي لاءِ آهن.[2] **(3):** رحمتِ عالم، نور مجسم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جنهن پنجن ئي نمازن جي آذان ايمان جي بنياد تي ثواب جي نيت سان چئي ته سندس اڳيان گناهه معاف ڪيا ويندا.[3]

# (5) باجماعت نماز جو اهتمام ڪريو

صحابيءِ رسول حضرت انس بن مالڪ رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ کان روايت آهي

---

1… معجم ڪبير، جلد:6، صفحه:242، حديث:13378 ملتقطاً.
2…جامع صغير، صفحه:255، حديث:4179.
3… سنن ڪبرىٰ للبيهقي، ڪتاب الصلاة، جلد:1، صفحه:809، حديث:2039.

تاجدارِ مدينہ، قرارِ قلب و سينہ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: جيڪو الله پاڪ جي رضا جي لاءِ 40 ڏينهن تڪبيرِ اوليٰ سان باجماعت نماز پڙهي تہ ان جي لاءِ بہ آزاديون لکيون وينديون: **(1):** هڪ آزاديءِ نار (يعني جهنم) کان آزادي ۽ **(2):** ٻي نفاق کان آزادي.[1]

| | |
|---|---|
| میں پانچوں نَمازیں پڑھوں باجماعت | ہو توفیق ایسی عطا یاالٰہی! |
| میں پڑھتا رہوں سُنّتیں، وقت ہی پر | ہوں سارے نوافِل ادا یاالٰہی! |
| دے شوقِ تلاوت دے ذَوقِ عبادت | رہوں باوُضو میں سدا یا الٰہی [2] |

# (6): اربع ۽ خميس جو روزو رکو!

فرمانِ آخري نبي، رسول هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جيڪو اربع ۽ خميس جو روزو رکندو آهي، ان جي لاءِ جهنم کان آزادي لکي ويندي آهي.[3] هڪ حديث پاڪ ۾ آهي: جنهن رمضان ۽ شوال جا روزا رکيا، اهڙي طرح جنهن اربع ۽ خميس جو روزو رکيو تہ اُهو جنت ۾ داخل ٿيندو.[4]

الله پاڪ اسان کي بہ نفلي روزا رکڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيۡن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

---

1…ترمذی، کتاب الصلاۃ، صفحہ:78، حدیث:241۔

2…وسائل بخشش، صفحہ:102۔

3… مسند ابی یعلی، مسند عبد اللہ بن عمر، جلد:4، صفحہ:329، حدیث:5629۔

4…سنن کبریٰ للنسائی، جلد:3، صفحہ:215، حدیث:2791۔

# (7): مسلمان ڀاءُ جي حاجت پوري ڪرڻ

حضرت عبدالله بن عباس رَضِیَ اللہُ عَنْہُمَا کان روايت آهي: حضور اڪرم، نور مجسم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: جيڪو پنهنجي ڀاءُ جي حاجت پوري ڪرڻ لاءِ هلي ۽ هن سان همدردي ڪري ته الله پاڪ اُن جي ۽ جهنم جي وچ ۾ ست خندقون حائل ڪري ڇڏيندو ۽ هر خندق جو فاصلو ٻي خندق کان ايترو هوندو جيترو زمين ۽ آسمان جي وچ ۾ آهي.[1]

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان کي به گهرجي ته اسان جهنم کان بچڻ ۽ جنت ۾ وڃڻ جي لاءِ پنهنجن مسلمان ڀائرن سان همدردي ڪريون، سندن ڪم اچون، ڪنهن کي قرض جي ضرورت هجي ته استطاعت مطابق ڪيس قرض ڏيون، غريبن تي خرچ ڪريون، بکايلن کي کاڌو کارايون، اهڙي طرح عزيزن ۽ رشتيدارن جي به ڪم اچون، پاڙيسرين جي به ڪم اچون، دوستن جي به ڪم اچون، مطلب ته جنهن به مسلمان جي جيڪا به جائز حاجت هجي، اسان پنهنجي وَسَ آهر صرف ۽ صرف الله پاڪ جي رضا جي لاءِ سندس مدد ڪريون، ان جي برڪت سان اِنْ شَآءَ اللہُ الْکَرِیْم! الله پاڪ جهنم کان بچائي جنت ۾ داخل فرمائي ڇڏيندو.

# شفاعت ملندي

حضرت عبدالله بن عمر رَضِیَ اللہُ عَنْہُمَا کان روايت آهي ته رسولِ

---

1…موسوعة امام ابن ابی الدنیا، کتاب قضاء الحوائج، جلد:4، صفحہ:168، حدیث:35۔

اڪرم، نور مجسم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جيڪو پنهنجي مسلمان ڀاءُ جي حاجت پوري ڪندو، مان قيامت جي ڏينهن سندس ميزان جي پر ۾ بيٺو هوندس، جيڪڏهن سندس نيڪين جو پلڙو ڳورو رهيو ته نيڪ، نه ته مان ان جي شفاعت ڪندس. (1)

شَفاعت حشر میں فرماؤگے جب خوش نصیبوں کی
مجھے کر لینا آقا اُن میں شامل یارسولَ اللہ

# (8): تلاوتِ قرآن

پيارا اسلامي ڀائرو! قرآن ۽ حديث ۾ ٻيا به ڪيترائي اعمال بيان ٿيا آهن جن جي برڪت سان جهنم کان نجات ۽ جنت ۾ داخلا نصيب ٿيندي آهي. **انهن مان هڪ تمام خوبصورت نيڪ عمل تلاوتِ قرآن به آهي.**

صحابيءِ رسول حضرت ابو هريره رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡهُ کان روايت آهي ته صاحبِ قرآن، محبوبِ رحمٰن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: قرآن ڪريم قيامت جي ڏينهن تشريف ڪٺي ايندو ۽ پنهنجي تلاوت ڪرڻ واري جي سفارش ڪندي الله پاڪ جي بارگاهه ۾ چوندو: اي ربّ ڪريم! هِن کي زينت عطا فرماءِ. جيئن ته تلاوت ڪرڻ واري کي ڪرامت جو تاج پارايو ويندو. قرآن ڪريم چوندو: يَا رَبِّ زِدۡهُ اِلٰهي! اجان وَڌاءِ. پوءِ تلاوت ڪرڻ واري کي ڪرامت جو لباس پارايو ويندو، قرآن ڪريم چوندو: يَارَبِّ اِرۡضَ عَنۡهُ اي رب ڪريم! هن شخص کان راضي ٿي

---

1…حلية الاولياء، مالک بن انس، جلد:6، صفحہ:389، رقم:9038۔

وڃ. الله پاڪ اُن ڪان راضي ٿي ويندو ۽ حڪم ڏيندو: اي ٻانها! قرآن پڙهندو وڃ ۽ جنت جا درجا چڙهندو وڃ.[1]

تلاوت کروں ہر گھڑی یاإلٰہی! | بکوں نہ کبھی بھی میں واہی تباہی

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

# اللّٰه پاڪ اُن دل کي عذاب نه ڏيندو آهي

حضرت ابو اُمامه رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کان روايت آهي ته الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: قرآن پڙهندا ڪريو! بيشڪ جيڪا دل قرآن ڪريم جو جُزدان (يعني گهر) هوندي آهي الله پاڪ ان دل کي عذاب نه ڏيندو آهي.[2]

فلموں سے ڈراموں سے عطا کر دے تُو نفرت | بس شوق مجھے نعت و تلاوت کا خُدا دے

# سورة حٰمٓ السجدة جي برڪت

حضرت حسن بن عَمرو فزاري رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا: حضرت ثابت بناني رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ هڪ ڀيري حضرت مُطَرَّف بن عبدالله رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ وٽ تشريف کڻي ويا، ان وقت حضرت مُطَرَّف تي بيهوشي طاري هئي. حضرت ثابت بناني رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ ڏٺو ته بيهوشي جي حالت ۾ حضرت مُطَرَّف رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ جي جسم مان نور جا ٽي شعاع بلند ٿي رهيا آهن، هڪ مٿي کان، ٻيو پيٽ کان ۽ ٽيون پيرن جي طرف کان. فرمائن

1…شُعَبُ الايمان، جلد:2، صفحه:347، حديث:1997 ملتقطاً۔

2…مصنف ابن شيبة، كتاب الزہد، کلام ابی امامۃ، جلد:8، صفحه:191، رقم:3۔

تا اِهو ڏسي اسان گهبرائجي وياسين، جڏهن کين هوش آيو تہ اسان عرض ڪيو: اسان توهان جي مٿي، پيٽ ۽ پيرن جي طرف کان نور جا شعاع بلند ٿيندي ڏٺا آهن. حضرت مُطَرِّف رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمايو: ڇا واقعي توهان ائين ئي ڏٺو آهي؟ اسان عرض ڪيو: ها! جنهن جي جواب ۾ حضرت مُطَرِّف رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمايو: اِها سورة حٰم السجده جي تلاوت جي برڪت آهي. هن مبارڪ سورت جون **30** آيتون آهن، ابتدائي **10** آيتون مٿي جي طرف کان، وچ واريون **10** آيتون پيٽ کان ۽ آخري **10** آيتون پيرن جي طرف کان بلند ٿينديون آهن ۽ مون کي يقين آهي تہ اِها منهنجي شفاعت بہ ڪندي.(1)

## سورت ڪهف جي برڪت

سيف الدين بَلّبان جو بيان آهي تہ مون قبرستان ۾ هڪ شخص ڏٺو، هو هڪ قبر جي پرسان ويهي روئي روئي تلاوت ڪري رهيو هو. مون ڪانئس روئڻ جو سبب پڇيو تہ هن وراڻيو: هيءَ منهنجي دوست جي قبر آهي، هن منهنجي اکين جي سامهون تلاوت ڪندي دم ڏنو هو. تدفين کان پوءِ مون کيس خواب ۾ ڏٺو، هن مون کي ٻڌايو تہ جڏهن توهان مون کي قبر ۾ رکي هليا ويا تہ هڪ غضبناڪ ڪُتّو مون ڏانهن وَڌيو، قريب هو تہ هو مون تي حملو ڪري ڏي ها، پر هڪ تمام خوبصورت ۽ پاڪيزه بزرگ اتي تشريف ڪٺي آيا انهن ڪتي کي اتان ڀڄائي ڇڏيو ۽ منهنجي پرسان ويهي رهيا. سندن صحبت مان مون کي تمام گهڻو سڪون مليو.

---

1…تاريخ دمشق، مطرف بن عبد الله، جلد:58، صفحہ:334۔

مون کانئس پڇيو: اوهان ڪير آهيو؟ فرمايائون: تون جمعي جي ڏينهن سورة ڪهف پڙهندو هُئين، مان ان جو ثواب آهيان. (1)

الله پاڪ اسان کي بہ قرآن پاڪ جي خوب تلاوت ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِیْن بِجَاہِ خاتَمِ النَّبِیّٖن صلَّی اللّٰہُ علَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: نيڪ اعمال

پيارا اسلامي ڀائرو! خوفِ جهنم پيدا ڪرڻ، نيڪين جي رغبت ماڻڻ، عبادت جو شوق ۽ ذوق وڌائڻ، لذتِ عبادت جي نعمت حاصل ڪرڻ ۽ اولياءِ ڪرام جي محبت دل ۾ پيدا ڪرڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي ديني تنظيم دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو ۽ 12 ديني ڪمن ۾ خوب زور شور سان حصو وٺو! ان جي برڪت سان اِنْ شَآءَ اللّٰہُ الْکَرِیْم! دين ۽ دنيا جون بيشمار ڀلايون نصيب ٿينديون. ذيلي حلقي جي 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم **نيڪ اعمال** بہ آهي

الحمدلله! شيخ طريقت امير اهل سنت دَامَتْ بَرَکَاتُہُمُ الْعَالِیَہ نہ صرف پنهنجن مريدن کي بلڪ سڄي دنيا جي عاشقانِ رسول کي، اسلامي ڀينرن کي، جامعة المدينہ ۽ مدرسة المدينہ ۾ پڙهڻ وارن ۽

1…الدررالکامنة فی اعیان المائة لابن حجر عسقلانی، جلد:5، صفحہ:352۔

پڙهڻ وارين کي، اسپيشل پرسنز (يعني گونگا، ٻوڙا ۽ انڌا ماڻهو) کي، حج ۽ عمري جي سعادت حاصل ڪرڻ وارن خوشنصيبن کي، ايتري تائين جو جيل جي قيدين کي ٻہ پنهنجي اصلاح ڪرڻ جي لاءِ بهترين نسخو عطا فرمايو آهي ۽ اهو آهي: **نيڪ اعمال جو رسالو**- توهان ٻہ جيبي سائيز جو هي مختصر رسالو مڪتبة المدينہ تان خريد فرمايو، ان کي پڙهو ۽ ان جي مطابق زندگي گذاريو، روزانو پنهنجن عملن جو جائزو وٺو. اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! گناهن کان بچڻ ۽ نيڪيون ڪرڻ جو ذهن ٺهجندو، دل جي پاڪيزگي ملندي ۽ ڪردار بهتر، سترو ۽ خوبصورت ٿي ويندو.

## مدني بَهار

ڪراچي جي علائقي نيو ڪراچي جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي تہ علائقي جي مسجد جي امام صاحب جيڪي دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ آهن، انهن منهنجي وڏي ڀاءُ کي **نيڪ اعمال** جو رسالو تحفي ۾ ڏنو. اُهي گهر کڻي آيا ۽ پڙهيائون تہ حيران ٿي ويا تہ هن مختصر رسالي ۾ هڪ مسلمان کي اسلامي زندگي گذارڻ جو ايترو زبردست فارمولو ڏنو ويو آهي. بس **نيڪ اعمال** رسالي سندن زندگيءَ ۾ انقلاب آڻي ڇڏيو، ان جي برڪت سان اَلْحَمْدُ لِلّٰه! کين نماز جي پابنديءَ جو جذبو مليو ۽ باجماعت نماز ادا ڪرڻ جي لاءِ مسجد ۾ حاضر ٿي ويا ۽ هاڻي پنجن وقتن جا نمازي ٿي چڪا آهن، ڏاڙهي مبارڪ ٻہ سجائي

ورتائون ۽ نيڪ اعمال جو رسالو بہ پُر ڪندا آهن.[1]

تُو ولی اپنا بنالے اُس کو ربِّ لم یزل | مدنی اِنعامات پر کرتا ہے جو کوئی عمل

**نوٽ:** دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول ۾ مدني انعامات کي هاڻي **نيڪ اعمال** چيو ويندو آهي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام جي طرف آڻيندي صدقهءِ فطر بابت ڪجهه مدني گل بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪري رهيو آهيان.

# صدقهءِ فطر متعلق مدني گُلَ

اي عاشقانِ رسول! صدقهءِ فطر انهن سيني مسلمان مرد ۽ عورتن تي واجب آهي جيڪي **صاحبِ نصاب** آهن ۽ سندن نصاب **حاجاتِ اصليہ** (يعني زندگيءَ جون ضروريات جهڙوڪ رهڻ لاءِ گهر، گهر جو سامان وغيره) کان فارغ هجي ❁ جنهن وٽ ساڍا ست تولا سون يا ساڍا ٻاونجاهه تولا چاندي جي رقم يا ايتري ئي ماليت جو مالِ تجارت هجي (۽ اهو سڀ حاجاتِ اصليہ کان علاوه هجي) يا ايتري ئي ماليت جو حاجتِ اصليہ کان علاوه سامان هجي تہ ان کي صاحبِ نصاب چيو ويندو آهي ❁ صدقهءِ فطر واجب ٿيڻ لاءِ **عاقل ۽ بالغ** هجڻ شرط نہ آهي. پر ٻار يا مجنون (يعني چريو) بہ جيڪڏهن

1…جنت کے طلب گاروں کے لئے مدنی گلدستہ، صفحہ:14۔

صاحب نصاب هجي تہ سندس مال مان ان جو وَلي (يعني سرپرست) ان جو فطرو ادا ڪري ۞ صاحبِ نصاب مرد تي پنهنجو، پنهنجن ننڍن ٻارن جو ۽ جيڪڏهن ڪا مجنون اولاد هجي (چاهي اُها مجنون اولاد بالغ ئي ڇو نہ هجي) جو فطرو ڏيڻ واجب آهي، ها جيڪڏهن اهو ٻار يا مجنون پاڻ صاحبِ نصاب آهي تہ پوءِ سندس مال مان فطرو ادا ڪري ۞ پيءُ تي پنهنجي عاقل بالغ اولاد جو فطرو واجب نہ آهي ۞ والد نہ هجي تہ ڏاڏو والد جي جاءِ تي آهي، يعني پنهنجن فقير ۽ يتيم پوٽن پوٽِيُن جي طرفان انهن ڪي صدقۂ فطر ڏيڻ واجب آهي ۞ ڪو شخص ڪنهن صحيح شرعي مجبوري سبب روزا نہ رکي سگهيو يا مَعَاذَ الله بغير ڪنهن مجبوري جي **رمضان شريف** جا روزا نہ رکيائين تہ ان تي بہ صاحبِ نصاب هجڻ جي صورت ۾ فطرو ڏيڻ واجب آهي ۞ زال جيڪڏهن بغير مڙس جي حڪم جي مڙس جو فطرو ادا ڪيو تہ ادا نہ ٿيندو ۞ عيد الفطر جي ڏينهن صبح صادق طلوع ٿيڻ وقت جيڪو صاحبِ نصاب هوندو ان تي ئي صدقۂ فطر واجب آهي، جيڪڏهن صبح صادق کان پوءِ صاحبِ نصاب ٿيو تہ ان تي صدقۂ فطر واجب نہ آهي ۞ صدقۂ فطر ادا ڪرڻ جو افضل وقت هي آهي تہ عيد جي ڏينهن صبح صادق ٿيڻ کان پوءِ ۽ عيد جي نماز پڙهڻ کان پهريان ادا ڪري ڇڏجي، جيڪڏهن چند رات يا **رمضان شريف** جي ڪنهن بہ ڏينهن بلڪ **رمضان شريف** کان اڳ بہ جيڪڏهن ڪنهن ادا ڪري ڇڏيو تڏهن بہ فطرو ادا ٿي ويندو ۽ ائين ڪرڻ بلڪل جائز آهي.(1)

1…فيضان رمضان، صفحہ:313تا315ملتقطاً۔

# فطري جي ادائيگي جا 4 طريقا

صدقہ فطر جي مقدار جا 4 معيار آهن: (1) عجوه کجور (2) ڪشمش (3) کجور (4) جَو شريف يا ان جو اٽو (5) ڪڻڪ يا ان جو اٽو. جيڪڏهن عجوه کجور جي معيار موجب صدقہ فطر ادا ڪرڻو هجي تہ هن سال (2026ع ۾) پاڪستان ۾ ان جي مقدار 19 هزار 2 سئو رپيا في ڪس آهي. ڪشمش جي معيار موجب 72 سئو رپيا، کجور جي معيار موجب 26 سئو رپيا، جَو شريف جي معيار موجب 11 سئو رپيا ۽ ڪڻڪ جي معيار موجب 300 رپيا آهي.

صدقي فطر جي ادائيگيءَ ۾ پنهنجي حيثيت جو لحاظ رکڻ گهرجي. جنهن کي الله پاڪ مال ۽ دولت سان نوازيو آهي، ان کي گهرجي تہ: ۞ عجوه کجور جي حساب سان، ۞ ڪشمش جي حساب سان، ۞ جيڪو ائين نہ ڪري سگهي تہ (عام) کجور جي حساب سان، ۞ جيڪو ايتري سگهہ نہ رکندو هجي، اهو ”جَو شريف“ جي حساب سان، ۞ ۽ جيڪو ان جي بہ استطاعت نہ رکندو هجي، اهو ڪڻڪ جي حساب سان ادائيگي ڪري. ”جيترو گڙ وجهبو، اوترو مٺو ٿيندو“ يعني الله جي راهہ ۾ جيترو وڌيڪ خرچ ڪندؤ، اوترو ئي ثواب ملندو ۽ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! وڌيڪ برڪتون نصيب ٿينديون.

# عطيات جي ترغيب

پيارا اسلامي ڀائرو! توهان جي پنهنجي ديني تنظيم دعوتِ اسلامي، هن وقت 80 کان وڌيڪ شعبن ۾ دين جي خدمت ڪرڻ ۾ مصروف آهي. اَلحمدُ لله! وفاقي وزارتِ تعليم ۽ پيشہ ورانہ تربيت کان

منظور ٿيل دعوتِ اسلامي جو پنهنجو ديني تعليمي بورڊ **كنز المدارس بورڊ** (Kanz-ul-Madaris Board) جي نالي سان آهي. ❀ **1500** کان وڌيڪ **جامعات المدينہ** (گرلز اينڊ بوائز)، **19 هزار 900** **مدارس المدينہ** (بوائز اينڊ گرلز) قائم آهن، جن ۾ حفظ و ناظره،عالم ڪورس(يعني درسِ نظامي)، مختلف تخصصات (*Specialization*) ۽ فرض عُلوم ڪورسز ڪرايا ويندا آهن ❀ جامعات ۽ مدارس المدينہ (بوائز اينڊ گرلز) ۾ طلباء جو مجموعي تعداد تقريباً **5 لک 69 هزار** آهي. ❀ وڏي عمر جي اسلامي ڀائرن ۽ اسلامي ڀينرن کي قرآن ڪريم جي تعليم ڏيڻ لاءِ هزارين مدارس المدينہ بالغان ۽ بالغات قائم ڪيا ويا آهن جن ۾ پڙهندڙن جو تعداد ٻہ لکن ۾ آهي. ❀ فيضان آن لائن اڪيڊمي (Faizan Online Academy) جي ذريعي ديني تعليم ڏني پئي وڃي، جن ۾ پڙهڻ وارن جو تعداد تقريباً **27 هزار** آهي ۽ تقريباً **64 هزار** کان وڌيڪ افراد مختلف ڪورس ڪري چڪا آهن ❀ ديني ۽ شرعي رهنمائي لاءِ **22 دار الافتاء اهل سنت** قائم ڪيا ويا آهن ❀ **المدينة العلمية** (اسلامڪ ريسرچ سينٽر) جي ذريعي ديني لٽريچر (*literature*) تي تحقيقي ڪم ڪيو پيو وڃي، هن وقت تائين **2108 ڪتابن ۽ رسالن** تي ڪم ٿي چڪو آهي ❀ فيضان اسلامڪ اسڪول، دارالمدينہ (اسڪول، ڪاليج، يونيورسٽي) جو تعداد **299** آهي، جڏهن تہ شاگردن ۽ شاگردياڻين جو تعداد **54 هزار** کان وڌيڪ آهي. ❀ ديني لٽريچر جي اشاعت لاءِ اشاعتي ادارو **مكتبة المدينہ** قائم ڪيو ويو آهي ❀ شعبہءِ قافلہ جي تحت

عاشقان رسول ❁ 12 مهينا ❁ 1 مهينو ❁ 12 ڏينهن ۽ ❁ 3 ڏينهن جي قافلن ۾ سفر جي سعادت حاصل ڪندا رهندا آهن **1 سال** اندر سفر ڪرڻ وارن جو تعداد **10 لک** کان وڌيڪ آهي، تمام اسلامي ڀائر ڪوشش ڪريو تہ اسان سڀ گڏجي نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ لاءِ پاڻ بہ قافلن ۾ سفر ڪريون ۽ ٻين کي بہ تيار ڪري سفر ڪرايون ❁ هفتيوار اجتماع ۾ لکين اسلامي ڀائر شرڪت ڪندا آهن، اسان بہ اِها سعادت حاصل ڪريون، پاڻ بہ اول کان آخر تائين شرڪت ڪريون ۽ ٻين کي بہ تيار ڪري پاڻ سان گڏ وٺي اچون ❁ سڄي دنيا ۾ ديني ڪمن جي ڌوم مچائڻ لاءِ دعوتِ اسلامي جو پورو تنظيمي سيٽ اپ موجود آهي، ذيلي حلقي کان وٺي مرڪزي مجلس شوريٰ تائين پورو نظام قائم آهي، شهر شهر ۽ ڳوٺ ڳوٺ ۾ ذميدار موجود آهن ❁ عاشقانِ رسول جي تربيت ڪري انهن کي ديني ڪم ڪرڻ جي لاءِ ملڪ جي مختلف علائقن ۽ ٻاهرين ملڪن ڏانهن موڪليو ويندو آهي ❁ ميڊيا جي مختلف پليٽ فارمن ذريعي بہ دين جي خدمت جو سلسلو جاري آهي ❁ پرنٽ ميڊيا ۾(ڪيترن ئي ڪتابن ۽ رسالن سان گڏوگڏ ماهوار فيضان مدينہ جي اشاعت جو سلسلو بہ جاري آهي جيڪو هن وقت دنيا جي 7 وڏين زبانن ۾ شايع ٿيڻ وارو ڪثير الاشاعت ماهوار رسالو آهي) ❁ سوشل ميڊيا (مثال طور يوٽيوب (*Youtube*)، فيسبڪ (*Facebook*)، انسٽاگرام (*Instagram*) وغيره تي مجموعي طور **7 ڪروڙ فالوورز** (*Followers*) آهن جڏهن تہ مجموعي طور ويوز جو تعداد **اربن** (*Billions*) ۾ آهي ❁ ان کان علاوه مدني چينل اردو، انگلش، بنگلا، ڪِڊز مدني چينل، بزرگن جو مدني چينل ۽ عربي ويب چينل

جي ذريعي بہ دينِ اسلام جي خدمت ڪئي پئي وڃي.

**توهان بہ خدمتِ دين جي هن ڪم ۾ پنهنجو حصو شامل ڪريو! پنهنجا عطيات دعوت اسلامي کي ڏيو، توهان جي چندي يعني ڊونيشن کي ڪنهن بہ جائز، ديني، اصلاحي، فلاحي، روحاني، خيرخواهي، ڀلائي ۽ آمدني وڌائڻ جي جائز ۽ محفوظ ڪمن ۾ لڳائي سگهجي ٿو تہ جيئن وڌندڙ خرچن جو پورائو ڪري سگهجي.**

دعوتِ اسلامی کی قیّوم، سارے جہاں میں مچ جائے دُھوم

اس پہ فدا ہو بچہ بچہ یااللہ! مری جھولی بھر دے

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## ليلة الجائزہ (چنڊ رات) ۾ عبادت جي ترغيب

پيارا اسلامي ڀائرو! افسوس...!! ماهِ رمضان اسان کان جدا ٿي رهيو آهي، ماهِ ذيشان اسان کي ڇڏي وڃي رهيو آهي، هن مبارڪ مهيني جي هڪ هڪ گهڙي رحمت ڀري آهي، اللہ پاڪ جتي اسان کي لَيلَةُ القَدر جهڙي عظيم رات عطا ڪئي اتي ئي هن مبارڪ مهيني کان فوراً پوءِ ليلة الجائزہ يعني انعام جي رات بہ عطا فرمائي آهي. (عيد الفطر جي رات يعني چنڊ رات کي ليلة الجائزہ چيو ويندو آهي) ❁ هن رات اللہ پاڪ پنهنجن رحمتن جو نزول فرمائيندو آهي ❁ هيءَ مغفرت جي رات آهي ❁ هيءَ رات پنهنجي

رب جي عبادت ڪرڻ جي رات آهي، جيڪو شخص هن رات ۾ الله پاڪ جي عبادت ڪندو آهي ته الله پاڪ ان جي لاءِ جنت واجب ڪري ڇڏيندو آهي.(1) سيني عاشقانِ رسول خاص طور تي اعتڪاف ڪرڻ وارن کي گهرجي ته هيءَ رات مسجدن ۾ الله پاڪ جي عبادت ۾ گذارين، جو حضرت ابراهيم نخعي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: بزرگانِ دين رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡهِم اعتڪاف ڪرڻ واري جي لاءِ هي پسند فرمائيندا هئا ته عيد الفطر جي رات مسجد ۾ ئي گذاري.(2)

## عيد جي 6 روزن جي ترغيب

اي عاشقانِ رسول! رمضان شريف ڪان پوءِ شوال شريف جي آمد آمد آهي. خوش نصيب مسلمان هن مهيني ۾ عيد الفطر ڪان پوءِ 6 روزا رکڻ جي سعادت حاصل ڪندا آهن. اچو ته انهن روزن جون فضيلتون ٻڌون ٿا ته جيئن اسان جو اِهي روزا رکڻ ۽ انهن جي برڪتن مان فيضياب ٿيڻ جو ذهن ٺهجي. جيئن ته ❁ حديث پاڪ ۾ آهي: جنهن رمضان جا روزا رکيا پوءِ شوال ۾ 6 ڏينهن روزا رکيا ته گناهن ڪان ائين پاڪ ٿي ويو جڻ اج پنهنجي ماءُ جي پيٽ مان پيدا ٿيو آهي.(3) ❁ جنهن رمضان جا روزا رکيا ۽ ان ڪان پوءِ شوال ۾ 6 روزا رکيا ته اهو ائين آهي جڻ ان سڄي زندگي روزا رکيا.(4) ❁ خليلِ ملت مفتي محمد خليل خان برڪاتي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه

---

1…الترغيب و الترهيب، كتاب العيدين، الترغيب فى احياء ليلتى العيدين، صفحه:373، حديث:2۔

2… فيضان رمضان،صفحه:279، 280۔

3… مجمع الزوائد، كتاب الصيام، باب فيمن صام …الخ،جلد:3، صفحه:322، حديث:5102۔

4… مسلم، كتاب الصيام، باب استحباب صوم…الخ، صفحه:424، حديث: 1164۔

فرمائن ٿا: اِهي روزا عيد کان پوءِ مسلسل رکيا وڃن تڏهن بہ ڪو حرج نہ آهي، بهتر هي آهي تہ هر هفتي 2 روزا رکيا وڃن ۽ عيد جي ٻئي ڏينهن هڪ روزو رکيو وڃي ۽ جيڪڏهن سڄو مهيني ۾ رکيا وڃن تہ اجان وڌيڪ مناسب آهي.(1)

# چنڊ رات قافلن ۾ سفر ڪرڻ جي ترغيب

پيارا اسلامي ڀائرو! **رمضان شريف** جو مهينو هاڻي ڪجھ ڏينهن جو مهمان رهجي ويو آهي ۽ عنقريب اسان کان رخصت ٿيڻ وارو آهي. پوءِ اِنْ شَآءَ اللهُ الْکَرِيْم! چنڊ رات جي آمد ٿيندي. الحمدلله! هر سال اعتڪاف جي سعادت حاصل ڪرڻ وارا خوش قسمت اسلامي ڀائر ۽ ٻين عاشقانِ رسول جو هڪ تعداد **پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش** جي مقدس جذبي سان سرشار ٿي هن رات قافلن ۾ سفر ڪندا آهن. هُونئن تہ هي ڏاڍو مشڪل ڪم آهي پر ياد رکو نيڪي جي دعوت ڏيڻ ۽ ان راهہ ۾ مشقت برداشت ڪرڻ سنتِ انبياء آهي ۞ انبياءِ ڪرام ۞ صحابہِ ڪرام ۞ نيڪ ٻانها نيڪيءَ جي دعوت ڏيڻ لاءِ پنهنجن گهرن کان نڪرندا هئا ۽ ۞ دور دراز علائقن ۾ ويندا هئا ۞ پنهنجي ڳوٺ ۽ وطن مان هجرت ڪندا هئا ۞ ۽ مشقتون برداشت ڪري دين جو پيغام عام ڪندا هئا ۞ اڳين جي قربانين جي ڪري ئي اسان تائين دين پهتو آهي.

توهان بہ چنڊ رات قافلي ۾ سفر ڪرڻ جي نيت ڪري وٺو!

---

1… سنی بہشتی زیور، صفحہ:347۔

اِنْ شَآءَ اللہُ الْکَرِیْم! تمام گهٽيون برڪتون حاصل ٿينديون. ❁ قافلي ۾ فرض علمِ دين سيکاريو ويندو آهي ❁ سنتون سيکاريون وينديون آهن ❁ تهجد پڙهڻ جي سعادت ملندي آهي ❁ نيڪيءَ جي دعوت عام ڪرڻ جو موقعو ملندو آهي ❁ قافلي ۾ سفر ڪرڻ جي برڪت سان دعائون قبول ٿيڻ ❁ مشڪلاتون درو ٿيڻ ❁ ۽ بيمارين کان شفا ملڻ جا بہ ڪيترائي واقعا موجود آهن ❁ ايئن بہ ٿيو آهي تہ قافلي ۾ سفر ڪرڻ وارن عاشقانِ رسول جي حوصلا افزائي لاءِ پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ڪرم فرمائي، سندن خواب ۾ تشريف ڪٽي آيا ۽ شرڪاءِ قافلا کي پنهنجي زيارت جو شرف بخشيائون. اللہ پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِیْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

# فيضانِ حديث موبائل ايپلي ڪيشن

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُ لِلّٰہ! دعوتِ اسلامي جي آئي ٽي ڊپارٽمينٽ طرفان تمام فائديمند موبائل ايپلي ڪيشن **فيضانِ حديث** جي نالي سان پلي اسٽور ۽ ايپ اسٽور ***Play Store*** ۽ ***App Store*** تي پيش ڪئي وئي آهي. هن ايپلي ڪيشن ۾ حديث پاڪ جا مشهور ڪتاب جهڙوڪ ❁ مِشْکٰوۃُ الْمَصَابِیْح ۽ ان جي اردو شرح ❁ مِرْاٰۃُ الْمَنَاجِیْح ❁ اَرْبَعِیْنِ نَوَوِیَّه اردو ترجمي ۽ تشريح سان ❁ رِیَاضُ الصَّالِحِین اردو ترجمي ۽ شرح سان ❁ اَرْبَعِیْنِ حَنَفِیَّه (اردو) ❁ ۽ مُنْتَخَب اَحَادِيث (اردو) ❁ اَنْوَارُ الْحَدِیْث (اردو) شامل ڪيا ويا آهن ❁ هن ايپلي ڪيشن جي

مدد سان توهان احاديثِ ڪريمہ ڪي ڪتابي صورت ۾ (يعني جلدن جي اعتبار سان) بہ پڙهي سگهو ٿا ۽ مختلف موضوعن جي اعتبار سان پنهنجي گهربل موضوع جو مطالعو بہ ڪري سگهو ٿا ۞ سرچ آپشن جي مدد سان مڪمل ڪتاب يا هڪ جلد ۾ مختلف لفظن يا مڪمل جملي جي ذريعي سرچنگ جي سهولت بہ موجود آهي ۞ حديث پاڪ جي عربي لفظن، انهن جي ترجمي ۽ شرح ۾ الڳ الڳ سرچ جي سهولت موجود آهي ۞ حديث پاڪ جو عربي متن اعرابن سان ۽ بغير اعرابن جي، ٻنهي صورتن ۾ ڏسڻ جي سهولت رکي وئي آهي ۞ مطالعي جا نوٽس محفوظ ڪرڻ لاءِ پسنديده احاديث کي فيوريٽ ***Favorite*** ڪرڻ جو آپشن بہ ڏنو ويو آهي ۞ مختلف فونٽس ۽ احاديث شيئرنگ جي سهولت بہ ڏني وئي آهي. اڄ ئي پنهنجي موبائل ۾ هيءَ ايپلي ڪيشن ڊائون لوڊ ڪريو! پاڻ بہ حديث پاڪ جو فيضان حاصل ڪريو ۽ ٻين کي بہ ترغيب ڏياريو!

## ڪجھ ضروري اعلان

پيارا اسلامي ڀائرو! ڪجھ اعلان ٻڌندا: ۞ الوداع ماهِ رمضان پڙهڻ جائز آهي يا نہ؟ ان حوالي سان مڪتبة المدينہ، اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي ناياب فتوا ۽ ٻين عالمن سڳورن رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِم جي فتاوائن تي مشتمل هڪ بهترين رسالو الوداع ماهِ رمضان شايع ڪيو آهي. هي رسالو مڪتبة المدينہ تان 12 روپين ۾ حاصل ڪري سگهجي ٿو. ۞ اهڙي ئي طرح، عيد ڪيئن گذارجي ۽ ان ۾ ڪهڙا اعمال ڪيا وڃن، ان حوالي سان پڻ هڪ رسالو مني عيد ۽ منيون ڳالهيون شايع ڪيو ويو آهي. هي رسالو پڻ 15 روپين ۾ مڪتبة

المدينہ جي ڪنهن بہ شاخ تان حاصل ڪري سگهجي ٿو. ۞ عيد الفطر جي پهرين ڏينهن کان فيضانِ مدينہ فيصل آباد ۾ پهرين شوال کان وٺي 7 شوال تائين، 7 ڏينهن جو تصوف ڪورس ٿيندو. رڪنِ شوريٰ ۽ نگرانِ پاڪستان مشاورت، حاجي محمد شاهد عطاري مَدَّظِلُّهُ العَالِي اهو ڪورس ڪرائيندا. تمام اسلامي ڀائرن کي هن ڪورس ۾ شرڪت جي گذارش آهي.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْبِ! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام ڏانهن آڻيندي سنت جي فضيلت ۽ زندگيءَ جا ڪجهہ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪري رهيو آهيان. تاجدار رسالت، شهنشاهِ نبوت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِی فَقَدْ اَحَبَّنِی وَمَنْ اَحَبَّنِی کَانَ مَعِیَ فِی الْجَنَّةِ جنهن منهنجي سنت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنت ۾ مون سان گڏ هوندو.[1]

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! | جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

# دعا گهرڻ سنتِ مصطفيٰ آهي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم: اَلدُّعَاءُ سِلَاحُ الْمُؤْمِن دعا مومن جو هٿيار آهي.[2]

1…تاريخ مدينہ دمشق، جلد:9، صفحہ:343۔
2…مسند ابی يعلی، جلد:2، صفحہ:123، حديث:1812۔

اي عاشقانِ رسول! دعا گهرڻ سنتِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي ۞ اسان جا پيارا آقا، ٻنهي جهانن جا داتا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪثرت سان دعائون گهرندا هئا ۞ ڪجهه محدثين سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ دعائن بابت مڪمل ڪتاب به لکيا آهن، جهڙوڪ ڪاڏو ڪائڻ جي دعا، پاڻي پيئڻ جي دعا، سمهڻ جي دعا، ننڊ مان اٿڻ وقت پڙهڻ واري دعا، کير پيئڻ جي دعا، ڪپڙا پائڻ وقت پڙهڻ واري دعا. مطلب ته اسان جا پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم روزمره جي ڪمن ڪان پهريان به دعائون پڙهندا هئا ۞ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هيءَ دعا ڪثرت سان گهرندا هئا: (1)

رَبَّنَاۤ اٰتِنَا فِی الدُّنْیَا حَسَنَةً وَّ فِی الْاٰخِرَةِ حَسَنَةً

(پارو: 2، سورة بقرة: 201)

ترجموڪنز العرفان: اي اسان جا رب! اسان کي دنيا ۾ ڀلائي عطا ڪر ۽ اسان کي آخرت ۾ (به) ڀلائي عطا فرماءِ

مختلف سنتون سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينه جو شايع ٿيل ڪتاب **بهار شريعت** جلد: 3 مان حصو 16 ۽ شيخ طريقت، امير اهل سنت **مولانا الياس قادري** دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَة جو **91** صفحن تي مشتمل رسالو **550 سنتون ۽ آداب** خريد فرمايو ۽ پڙهو. سنتون

---

1…بخاري، ڪتاب:الدعوات، صفحه:1574، حديث:6389۔

سکڻ جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر ڪرڻ به آهي.

علم حاصل کر، جہل زائل کرو | پاؤ گے راحتیں، قافلے میں چلو
سنتیں سیکھنے تین دِن کے لیے | ہر مہینے چلیں، قافلے میں چلو

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِیْنْ بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم